نثر :-

جو :-

پڱو :-

| صفحو# | عنوان | نمبر شمار |
|---|---|---|
| ١- | حجة الوداع وارو خطبو | ١- |
| ٢ | حضرت سلمان فارسي رضي الله عنهُ | ٢- |
| ٢ | حضرت امام جعفر صادق عليه السلام | ٣- |
| ٣ | قائداعظم جا ارشاد | ٤- |
| ٤ | اتحاد، تنظيم ۽ يقينِ محڪم | ٥- |
| ٥-٤ | مولانا دين محمد وفائي | ٦- |
| ٦-٥ | مائي خيري | ٧- |
| ٧-٦ | هنر دولت آهي | ٨- |
| ٧ | خط | ٩- |
| ٨-٧ | بين القوامي عدالت | ١٠- |
| ٩-٨ | اجرڪ | ١١- |
| ٩ | هيرن جي درياهه | ١٢- |
| ١٠ | ڪينجهر ڍنڍ | ١٣- |
| ١١-١٠ | سنڌي ادب جي مختصر تاريخ | ١٤- |
| ١١ | رڍ پچاءُ | ١٥- |
| ١٢ | ٻه ته ٻارهن | ١٦- |
| ١٣-١٢ | نصرپور | ١٧- |
| ١٤-١٣ | جهڙو راڄ تهڙو ئي لڳ | ١٨- |
| | نظم :- | |
| | آهيون الف آسوي...... ٥- ڏيٿو | ١- |
| | نيڪي ٦- ٻڌايون سک جو سنسار | ٢- |
| | دُعا ٧- پيارا وطن | ٣- |
| | سچل سرمست جا بيت ٨- هاري | ٤- |



Teacher's Signature

Date

سُ٤: بادشاھ ٽيون پيرو خواب ۾ ڇا ڏٺو؟

ج: بادشاھ ٽيون پيرو خواب ۾ ڏٺو ته سندس محلات ۾ مڪڙي گهڙي آهي.

x———x

سُ٥: نانگ ڪهڙي شرط تي ڪڙميءَ کي خوابن جو تعبير ٻڌايو؟

ج: نانگ بادشاھ وٽان مليل انعام جي اڌ ڏيڻ جي شرط تي ڪڙميءَ کي خواب جو تعبير ٻڌائي.

x———x

سُ٦: هن آکاڻيءَ مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

ج: هن آکاڻيءَ مان اها نصيحت سمايل آهي ته ڪنهن سان به فريب، دغا ۽ وعده خلافي نه ڪرڻ گهرجي.

x———x

| | لفظ | معني | جملو |
|---|---|---|---|
| ١. | گهه | گپهه | شاھ لطيف گهه عرصو ڀٽ تي رهيو. |
| ٢. | قول | بات | هميشه وڏن جي قول کي پورو ڪرڻ گهرجي. |
| ٣. | آزمودو | آزمانا | ڪڏهن به دوست جو آزمودو نه وٺڻ گهرجي. |
| ٤. | پرجا | عوام | ملڪ جي حالتن ڪارڻ پرجا ڏاڍي پريشان آهي. |
| ٥. | نيٺ | آخرڪار | عليءَ محنت ڪري نيٺ پاس ٿي ويو. |
| ٦. | جابلو | پهاڙي | پاڪستان جو جابلو علائقو گهڻو سونهو آهي. |
| ٧. | ڪڙمي | ڪسان | ملڪ جا ڪڙمي ڏينهن رات ٻنين تي محنت ڪندا آهن. |
| ٨. | ٻيلي | دوست | احمد ۽ اسلم پاڻ ۾ جگري ٻيلي هئا. |

x———x

## نظم جو پيغام

JOIN FOR MORE!!

Date:

## نظم: ٧

# پيارو وطن

## * مشق

س۱: شاعر جان جو جياپو ڪنهن کي ٿو سڏي؟

ج: شاعر جان جو جياپو پنهنجي پياري وطن کي ٿو سڏي.

س۲: شاعر ڪنهن جي مٽيءَ تان سر ساهه گهورڻ ٿو گهري؟

ج: شاعر پنهنجي پياري وطن جي مٽيءَ تان سر ساهه گهورڻ ٿو گهري.

س۳: شاعر وطن لاءِ ڪهڙي دعا ٿو گهري؟

ج: شاعر وطن لاءِ دعا ٿو گهري ته منهنجو وطن سدائين سرسبز ۽ شاداب رهي. جن جا هر شهر ۽ ڳوٺ سڀ وسندا رهن ۽ جن کي ڪڏهن به ڪو سور ولاءُ نه لڳي.

JOIN FOR MORE!!!

| | لفظ | معني | جملا |
|---|---|---|---|
| ۱. | ڀاڳارا | مشهور | اسان جي ملڪ ۾ ڪيترائي ڀاڳارا شهر آهن. |
| ۲. | جياپو | زندگي | منهنجو وطن منهنجي جان جو جياپو آهي. |
| ۳. | سرس | زياده | پاڪستان سڀ کان سرس سونهارو آهي. |
| ۴. | سونهارا | خوبصورت | باغن ۾ گلاب جا گل سونهارا لڳندا آهن. |
| ۵. | گهوري | قربان | سليم ارشد تي پنهنجي جان گهوري ڇڏي. |
| ۶. | مٽ | برابري | قابليت ۾ منهنجي استاد جو مٽ ڪونه آهي. |
| ۷. | ڀڳاءُ | خوشبو | گلاب جي ڀڳاءُ سڀ کان سُٺي ۽ وڻندڙ آهي. |

Date:

## نظم ۸:

# هاري

## * مشق

س۱: شاعر ملڪ مٿي جاڳي جيارا ڪنهن کي ٿو سڏي؟

ج: شاعر ملڪ مٿي جاڳي جيارا هاري کي ٿو سڏي.

س۲: هاري جي محنت ڪهڙو رنگ ٿي لڳائي؟

ج: هاري جي محنت اهو رنگ ٿي لڳائي ته هو ڏينهن رات محنت ڪري ٿو ۽ آبادي ڪري ٿو جنهن سان هر طرف هريالي ۽ خوشحالي اچي ٿي.

JOIN FOR MORE!!!

س۳: ٻلي ٻلي جي سنبارسان ڇا ٿو ٿئي؟

ج: ٻلي ٻلي جي سنبارسان ملڪ جي گهڻي مقدار حاصل ٿئي ٿي ۽ ملڪ مان بک بيماري نڪرندي ملڪ خوشحال ٿيندو.

س۴: شاعر هاري لاءِ ڪهڙي دعا ٿو گهري؟

ج: شاعر هاري لاءِ اها دعا ٿو گهري ته اي خدا! ٿرن هاري کي هميشه خوش رک ڇو ته هاري جي محنت ملڪ جو مان آهي.

| | لفظ | معني | جملا |
|---|---|---|---|
| ۱. | سگهارا | تندرست | اسان جي ملڪ جا هاري سگهارا آهن. |
| ۲. | مهل | وقت | هميشه مهل جي پابندي ڪريو. |
| ۳. | ساجهر | سويرے | مون صبح ساجهر قرآن جي تلاوت ڪندا آهيون. |
| ۴. | سنگ | ساٿ | الله هميشه سُک جو سنگ عطا ڪري. |
| ۵. | ڪڻي | دانه | هڪ ڪڻي سان گهڻو ان پيدا ٿيندو آهي. |
| ۶. | کيج | ذخيرو | آءٌ وٽ ڪنابن جو کيج آهي. |
| ۷. | ڳڻ | خاصيت | هاري جو ڳڻ زمانو ڳائي ٿو. |

# ∴ خلاصو ∴

## سبق: 1

## حَجّةُ الوداع وارو خُطبو

هجري ڏهين سال جي ذوالحج مهيني ۾ حضرت محمد ﷺ اٽڪل هڪ لک چاليهه هزار مسلمانن جي جماعت سان آخري حج ادا ڪيو. حضورﷺ عرفات جي ميدان ۾ ڏاچيءَ تي چڙهي خطبو ڏنائون. اهو خطبو ياري، مسڪينن، عورتن ۽ ٻانهن جي حقن جو ڪليل پڌرنامو هو.

پاڻ ﷺ سڳوري هن خطبي ۾ فرمايو ته: "مان اڄوڪي ڏينهن جهالت جي سموري رسمن کي پنهنجي پيرن هيٺيان لتاڙيان ٿو. مومن عزت وارو ۽ فاجر ذليل آهي. سڀ انسان آدم جي اولاد آهن ۽ آدم کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي ۽ سڀ مسلمان هڪ برادري آهن. حضورﷺ فرمايو: يتيمن، بيواهن، ٻانهن جو خيال رکو. الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان جهليو ۽ قرآن مجيد کي پنهنجي سامهون سانديو رکڻ جي تلقين ڪيائون. ڏوهاري پنهنجي ڏوهه جو پاڻ ذميوار آهي. ڪڏهن گمراهه نه ٿيو. پنهنجي خالق جي عبادت ڪندا رهيو. اوهان کي الله جي آڏو حاضر ٿيڻو آهي. هو اوهان جي عملن بابت پڇا ڳاڇا ڪندو.

خطبي جي آخر ۾ پاڻ ﷺ فرمايو ته: مان اوهان تائين خدا جو پيغام رسايو آهي. هاڻي هتي موجود شخص منهنجو هي پيغام غير موجود ماڻهن تائين رسائين.

# سبق ٢: حضرت سلمان فارسي [رضي الله تعاليٰ عنهُ]

حضرت سلمان فارسيؓ رسول اڪرم (صلي الله عليه واله وسلم)
جو هڪ نامور صحابي ٿي گذريو آهي. پاڻؓ اصفهان جي هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو هو.
سندس پيءُ هڪ هاري هو.

هن وقت ايران ۾ باهه جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. پاڻؓ
عيسائين جي عبادت کان ڏاڍو متاثر ٿيو. جڏهن عيسائي مذهب بابت هُن
کان پڇيائين ته هُنن ملڪ شام جو ڏس ڏنو. جڏهن سندس پيءُ کي
خبر پئي ته سندس پيءُ هاوڙيا ٿيا ۽ حضرت سلمان فارسيؓ کي زنجيرن
سان ٻڌي ڇڏيو.

JOIN FOR MORE!!!

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پاڻ زنجيرن توڙي هڪ قافلي سان
شام پهتو اتي هڪ عيسائي پيشوا سان مليو ۽ ڪيترن بزرگن جي صحبت
اختيار ڪئي. آخرڪار عموريه جي هڪ بزرگ وٽ پهتو. هن بزرگ
حضرت سلمان فارسيؓ کي آخري نبيؐ سان ملاقات لاءِ يثرب موڪليو.
جتي آخري نبي هجرت ڪري پهتا هئا.

هن بزرگ فرمايو هئا ته هي نبي صدقي جي شيون ڪڏهن
استعمال نه ڪندا ۽ هديي ۾ ملي شيون کائيندا ۽ سندس ٻنهي ڪلهن
۾ نبوت جي مهر آهي. حضرت سلمان فارسيؓ حضورؐ جي خدمت ۾
حاضر ٿيو ۽ مسلمان ٿي ويا.

حضرت عمر جي زماني ۾ پاڻؓ مدائن جو گورنر مقرر ٿيو
اسلام جي هن مجاهد سن ٣٧ هجري ۾ ٨٠ سالن ۾ وفات ڪئي.

## سبق ۳

# حضرت امام جعفر صادق (عليہ السلام)

حضرت امام جعفر صادقؑ سن ۸۰ هجري ۾ مديني منوره ۾ ڄاوا هئا. سندس والد جو نالو امام محمد باقر هو. سندس نسبي سلسلو چوٿين پيڙهي ۾ حضرت علي ڪرم الله وجههٔ سان ملي ٿو. پاڻ پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجي ڏاڏي کان ورتائون ۽ ڏاڏي جي وفات کان پوءِ پاڻ پنهنجي والد جي درس ۾ شريڪ ٿيا.

حضرت امام جعفر صادق پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ فقيه هئا. پاڻ ديني مسئلن جي تحقيق ۽ ڇنڊ ڇاڻ ڪري انهن تي قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ فتوائون به ڏنائون.

پاڻ جي ڏنل تعليم مان ڪجهه اهم ڳالهيون هي آهن ته، نماز دين جو مضبوط ٿنڀو آهي. جيڪو به شخص بيوقوفن جي صحبت اختيار ڪري ٿو، هو هو ذليل آهي، هميشه سچ ڳالهايو ڇو ته انهي مان اوهان جو فائدو آهي.

حضرت امام جعفر صادقؑ وڏا سخي هئا. جيڪو مستحق ۽ غريب ڪجهه وٺڻ ايندا هئا ته پاڻ انهن جي مدد اهڙي نموني ڪندا هئا ته ٻين ماڻهن کي خبر ئي ڪانه پوندي هئي. اسلام جي هن عظيم هستي سن ۱۴۸ هجري جي شوال مهيني ۾ وفات ڪئي.

JOIN FOR MORE!!!

سبق: ۴

# قائداعظم جا ارشاد

پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناحؒ مختلف وقتن تي شاگردن، سرڪاري ملازمن ۽ پاڪستان جي عوام کي مخاطب ڪري هدايتون ڏنيون آهن.

شاگردن کي نصيحت ڪندي چيو ته اوهان سڀ پنهنجي ملڪ جي مستقبل جا معمار آهيو. اوهين هر وقت تعليمي عمل ۾ پاڻ کي مصروف رکو ۽ پاڻ ۾ نظم وضبط پيدا ڪريو. پنهنجي قوم جي سچي خدمت ڪندا رهو ۽ هميشه اڳتي وڌندا هلو.

JOIN FOR MORE!!!

پوءِ پاڻ سرڪاري ملازمن کي هدايت ڪندي چيو ته اوهان هميشه غريب ماڻهن جي ڀلائي ۽ بهبود لاءِ ڏينهن رات محنت ڪريو ۽ ملڪ جي هڪ خادم جي حيثيت سان پنهنجي فرض کي پورا ڪندا رهيو. ۽ اوهان کي يقين ڏياريان ٿو ته دنيا ۾ اوهان جي ضمير کان وڌڪ ڪا به شيءِ نه آهي.

پاڪستان جي عوام کي مخاطب ڪندي چيو ته اوهان وٽ لامحدود ذريعا آهن. انهن ذريعن سان پنهنجا ملڪ ٺاهيو. ايمانداري ۽ خلوص سان پنهنجي ملڪ پاڪستان جي خوشحالي لاءِ هڪ ٻئي سان تعاون ڪندا رهيو.

## سبق ٥:

# اتحاد، تنظيم ۽ يقين محڪم

قوم جي ترقي جو دارومدار ملڪ جي اتحاد تي آهي. اتحاد اهو روح آهي جو قومن کي حياتي ڏيئي ٿو. تاريخ شاهد آهي ته دنيا ۾ صرف اهو قومون زنده رهي سگهيون جنهن ۾ اتحاد جي قوت آهي. دنيا جي هي سڀ عظيم ايجادون، دريا ۽ هوا وغيره تي انسان جي حڪمراني، سج جي توانائي مان گهڻا فائدا حاصل ڪرڻ اتحاد جي ڪارڻ ٿئي آهي.

JOIN FOR MORE!!!

قرآن شريف ۾ ارشاد آهي "الله جي رسي کي مضبوطي سان جهليو ۽ هڪ ٻئي ۾ ٽولا ٽولا نه ٿيو" قومن جي ترقي لاءِ اتحاد کان پوءِ تنظيم جي ضرورت هوندي آهي. دنيا جي عظيم الشان عمارتون، عيش ۽ آرام ۽ سائنسي ايجادون هي سڀ انسان پنهنجي عمل ۽ يقين محڪم سان موجود ۾ آنديون آهن.

دنيا جي ناموز سپهه سالار جنهن پنهنجي قومن کي عزت ۽ عظمت جو مقام ڏيکاريو هي سڀ مستقل ارادي ۽ يقين محڪم سان هو. انهن سپهه سالارن ارادي جي قوت ۽ محڪم يقين سان پنهنجي قومن کي آزادي جي سعادت سان همڪنار ڪيو.

## سبق: ٦

# مولانا دين محمد وفائي [رحمة الله عليه]

مولانا دين محمد وفائي سنڌ جي اعليٰ شخصيتن مان هڪ هو. مولانا وفائي بهترين اديب ۽ عالم به هو.

مولانا صاحب ٢٧ رمضان المبارڪ سن ١٣١١ هجري مطابق ٤ اپريل ١٨٩٤ع ۾ ڄائو هو. سندس والد جو نالو خليفو حڪيم گل محمد هو. پاڻ ذات جو پيٽي هو. مولانا وفائي ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪئي. والد جي وفات کانپوءِ پنهنجي عزيز ميان محمد عالم وٽ تعليم ورتي.

فارسي ۽ عربي جي تعليم مڪمل ڪري ڪراچي ۾ اچي استاد ٿيو. پهرين مهاڀاري لڙائي کانپوءِ پاڻ سنڌ جو ناظم مقرر ٿيو. مارچ ١٩٢٠ع ۾ الوحيد اخبار جاري ڪيائين ۽ ٽيهارو ڪتاب پڻ لکيا ۽ ١٩٣٠ع ۾ توحيد رسالو ڪي جاري ڪيائين. هن سڀ کي هڪ خاص درجو حاصل آهي. سندس قومي خدمت ۽ علمي خواه ديني حيثيت جو بهترين مثال آهي.

اسلام جي هن نيڪ مرد مجاهد ماه جمادي الاخر سن ١٣٦٩ هجري مطابق سن ١٩٥٠ع ۾ رحلت فرمائي ۽ پنهنجي حقيقي محبوب سان مليو.

JOIN FOR MORE!!!

سبق ٧١

# مائي خيري

مائي خيري جو اصل نالو بيبي خيرالنساء هو. هن پنهنجي حياتي ۾ اهڙا خير جا ڪم ڪيا جو ڪيس سڏيندا ئي "مائي خيري" هئا. ڪيس علم سان نهايت گهڻو چاهه هو. مائي خيري نهايت رحمدل ۽ نيڪ هئي. سال به سال ڏاڍي خيرات سان زڪوات ڪڍيندي هئي.

مائي خيري جي گهر جا دروازه مسڪينن لاءِ هر وقت ٿي کليل رهندا هئا. ڪيس مسجدون ۽ مدرسا ٺهرائڻ جو گهڻو شوق هو. هن ڪيترائي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مسجدون تعمير ڪرايون ۽ کوهه کوٽايا. حيدرآباد ۾ هڪ عاليشان مسجد به تعمير ڪرايو جيڪو اڄ به مائي خيري واري مسجد سڏيندي آهي. هن مسجد سان لاڳو ڪيس هڪ ديني مدرسو به قائم ڪيو.

مائي خيري کي غريبن سان گڏ ويهڻ ۾ ڪڏهن به پنهنجي اميري جو خيال ڪونه هوندو هو. غريب ماڻهن کي سندس وٽ اچڻ وڃڻ جي روڪ ٽوڪ ڪانه هئي. پاڻ ڏاڍي سادگي پسند هئي. وڏائي جو هن ۾ نالو نشان به ڪونه هو.

هي نيڪوڪار بيبي پهرين رمضان المبارڪ سن ١٢٧٢ هجري جي اڌ رات جو هن فاني دنيا مان رحلت ڪري ويو. مائي خيري کي هالا جي پيرسان خدا آباد ۾ دفنايو ويو.

JOIN FOR MORE!!!

سبق: ۱

# هنر دولت آهي

هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪ بيوهه رهندي هئي. سندس هڪ پُٽ هو. هوءَ پنهنجي پُٽ کي وٺي شهر آئي. شهر ۾ هڪ واڍي کي ڏنائين ۽ ان کي چيائين ته ڀلائي ڪري منهنجي پُٽ کي هنر سيکار. واڍي هن کي چيو ته منهنجو هڪ شرط آهي. آءٌ رات جو ڇوڪري کي هڪ ڪوٺي ۾ بند ڪندس جيستائين صبح تائين ڇوڪرو جيئرو هوندو ته مان هن کي پوءِ پنهنجو شاگرد ڪندس.

واڍي ڇوڪري کي ڪوٺي ۾ بند ڪري سندس امتحان ورتو. شاگرد ڪيو ۽ پنهنجو سمورو هنر هن کي سيکاريو. ڇوڪرو هنر سکي هلندو هڪ رڻ ۾ پهتو ۽ اتي ان جي هٿن سان جانور ٺاهي پنهنجي هنر کي آزمايو.

پوءِ ڇوڪرو هلندو هلندو هڪ بادشاهي ۾ پهتو ۽ اتي جي راڻي کي جانور ڪيڏي رڙ لاءِ ڏنا اتي جي شهزادي اعلان ڪرايو جن جو هنر هن کي پسند ايندو هن سان هوءَ شادي ڪندي. ٺاهي جانور شهزادي کي آڻي ڏنائون. شهزادي جانور کي رڙ لاءِ گهڻا حيلا ڪيا پر جانور نچار ڏجن. شهزادي کي ڇوڪري جو هنر پسند آيو ۽ پنهنجي شادي ٿي ويئي.

سياڻن سچ چيو آهي ته:

"هنر هڪ وڏي دولت آهي"

JOIN FOR MORE!!!

سبق ۱۰

# بين الاقوامي عدالت

فردن ۽ جماعتن جي تڪرارن جو نبيرو ته ان ملڪن جون عدالتون ڪنديون آهن، جتي اهي فرد ۽ جماعتون رهنديون هونديون آهن. پر ملڪن جي پاڻ ۾ تڪرار جو عالمي عدالت نبيريندي آهي. جنهن کي انصاف جي بين الاقوامي عدالت سڏجي ٿو.

دائمي عدالت قومن جي انجمن طرفان ۱۹۲۱ع ۾ قائم ڪئي وئي هئي. عالمي جنگ کان پوءِ قومن جي انجمن کي ٽوڙي گڏيل قومن جو ادارو ناهيو ويو. جڏهن وقت کان پوءِ بين الاقوامي عدالت جوڙي وئي. جنهن جو پهريون اجلاس اپريل ۽ مئي ۱۹۴۶ع ۾ ٿيو. هن عدالت ۾ پندرهن جج آهن جنهن کي جنرل اسيمبلي جو ميمبر منتخب ڪندا آهن.

بين الاقوامي عدالت اهڙن ملڪن جا ڪيس ٻڌندي آهي جنهن هن عدالت جي دستور کي قبول ڪيو هوندو آهي. جيڪي گڏيل قومن جا ميمبر نه هجي پر عدالت جي دستور تي عمل ڪندا ۽ قبول ڪن ته هو پنهنجي تڪرارن جو فيصلو هن عدالت سان نبيرائي سگهندا.

سبق ۱۱

# اجرڪ

اجرڪ سنڌ جي ثقافت جي هڪ اهم سوکڙي ۽ سڃاڻ آهي. عربي ۾ اجرڪ کي 'ازرق' جي نالي سان سڏيو آهي. ازرق جي معني آهي 'نيرو رنگ'. اجرڪ جي تر ۾ نيرو رنگ زياده استعمال ٿيندو آهي. اجرڪ چوڏهن مختلف مرحلن مان گذري مڪمل ٿيندي آهي. هن جي مڪمل ٿيڻ تائين اٽڪل پنجويهه سو پيرا پورا لڳندا آهن.

اجرڪ گهڻو ڪري لاڙوارن شهرن ۾ ٺهي ٿي جيئن نصرپور، ٽنڊو محمد خان، ڪيٽي، سيڪنڊ، مٽياري، پٽ شاهه، سکر وغيره ۾ ٺهي ٿي. اجرڪ جا گهڻو ڪري چار رنگ ٿيندا آهن اڇو، ڪارو، ڳاڙهو، نيرو.

اجرڪ جي زمين جو رنگ ڳاڙهو يا نيرو هوندو آهي ليڪائي چٽ ڪارا هوندا آهن ته وري ڦلڙيون اڇيون هونديون آهن.

اجرڪ سنڌ جي ثقافت جي هڪ اهم علامت آهي. اجرڪ نه رڳو سنڌ ۽ پاڪستان ۾ مقبول آهي بلڪه هن جي مقبوليت سنڌ ۽ پاڪستان جون سرحدون ٽپي ڏيساور ۾ به پهچي چڪي آهي. اجرڪ مهمانن کي تحفي طور به ڏني ويندي آهي.

JOIN FOR MORE!!!

## سبق: ١٢

# ميرن جي دربار

سنڌ ۾ جڏهن ميرن جي حڪومت هئي تڏهن مير مراد علي خان جي علاج لاءِ سن ١٨٢٧ع ۾ ميرن ڪجهه مان هڪ انگريز عملدار ڊاڪٽر جيمس برنس کي گهرايو هو. هن پنهنجي سفرنامي ۾ ميرن جي دربار جي سونهن ۽ نزاڪت جي هن طرح تعريف ڪئي آهي.

قلعي ۾ گوڙ ڪونه هو. سانت لڳي پئي هئي. ڪيترائي سنڌي ماڻهو خوش پوشاڪ ويٺا هئا. قسمين قسمين غاليچا ۽ فرش فروش وڇايا پيا هئا. اوچتو ميرن جي خدمتگار اچي منهنجو بوٽ لاٿو ۽ پوءِ مون کي ميرن جي منجهين وٽ وٺي هليا اتي ڏٺم عجيب نمونو ڏسڻ ۾ آيو.

سيني ميرن جي پٺيان خدمتگار جن کي تراريون ۽ ڍالون هيون ۽ چڱي پوشاڪون پهري ويٺا هئا. جڏهن مان دربار جي صفي ۾ آيس تڏهن سڀ مير مون کي اُٿي گڏيا ۽ مير ڪرم علي خان مون کي چيو ته "توهين اسان جو خاص مهمان آهيو هر شي توهان لاءِ موجود آهي.

سنڌ جا هي حاڪم مير ڪيترا نه سنڌ ريل نيڪ خصلت ۽ صفائي پسند وارا هئا.

JOIN FOR MORE!!

# سبق ۱۳،

## ڪينجهر ڍنڍ

ڪينجهر لفظ جي معنيٰ آهي "گهٽائي". ڪينجهر ۽ سونهري جي نالن بابت هڪ مقامي روايت آهي ته ڪينجهر هڪ مهاڻو هو ۽ سونهن سندس زال هئي.

ڪينجهر هڪ پراڻي ۽ تاريخي ڍنڍ آهي. معاشي لحاظ کان ڪينجهر مهاڻن لاءِ روزگار جو هڪ وسيلو هو. هي ڍنڍ بهترين تفريح گاهه آهي. تفريح خاطر ايندڙ ماڻهن لاءِ ٻيڙين ۽ لانچن وغيره جو بندوبست ڪيل آهي. روزانو سون جي تعداد ۾ ماڻهو پنهنجي ٻارن سميت ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ ٻين شهرن مان ڪينجهر ڍنڍ تي گهمڻ ايندا آهن.

هي ڍنڍ ڏاڍي خوبصورت ۽ شاداب آهي. ان جي چارو طرفان ڳوٺ ۽ وسنديون آباد آهن. هتي گهڻا ماڻهو خوشحال زندگي بسر ڪري رهيا آهن. ڪيترن ماڻهن جو گذر سفر به هن ڍنڍ تي آهي.

سنڌ جي عظيم بزرگ ۽ شاعر حضرت شاهه عبداللطيف به هن ڍنڍ جو ذڪر "سر ڪاموڏ" ۾ ڪيو آهي. هن ڍنڍ جي وچ ۾ هڪ ٽڪري تي هوندڙي شاهه جي پيراندي سنڌ جي راڻي نوري ڄام تماچي جو مزار آهي گهمڻ ايندا هر ماڻهو جي مزار تي حاضري ڏيندا آهن.

## سبق ۱۴،

# سنڌي ادب جي مختصر تاريخ

سنڌي تمام قديم زبان آهي. عربن جي حڪومت جي دور ۾ قرآن مجيد جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ٿيو. سومرن جو دور انڪل ۱۰۵۰ع کان شروع ٿيو. جنهن ۾ هر قسم جو مضمون بيان ٿيندو هو.

سومرن کان پوءِ سمن جو دور شروع ٿيو. هن دور جو اهم شاعر قاضي قاضن هو. سمن کان پوءِ ارغون، ترخان ۽ مغلن سنڌ تي حڪومت ڪئي. هن دور ۾ اسان کي سنڌي زبان جي ڪيترن ئي شاعرن جا نالا ملن ٿا. جن مان شاه عبداللطيف ۽ شاه عبدالڪريم هڪ وڏو شاعر آهي.

۱۷۰۷ع کان سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪومت شروع ٿئي هي دور سنڌي زبان ۾ علم و ادب جي سونهري دور هو.

سن ۱۷۸۲ کان ٽالپرن جو دور شروع ٿيو. هن دور ۾ جو عظيم شاعر سچل سرمست آهي. هن دور جو وڏو ٻيو شاعر سيد ثابت علي شاه هو. هن دور ۾ ٻيا به ڪيترائي شاعر ملن ٿا. جن ۾ بخش لغاري خليفو، فتح فقير سومري جا نالا اهم آهن.

JOIN FOR MORE!!!

سبق: ۱۵

## رڌ پچاءُ

ڇوڪرين کي جتي ٻين هنرن سکڻ جي ضرورت آهي اتي اهڙي لازمي ڳالهه آهي ته هنن کي رڌ پچاءُ به سيکاريو وڃي جنهن ۾ هي ٽي خاصيتون هجن صفائي ۽ سنڀال، وقت جي پابندي.

ڪاڌي کان پهريائين ضروري ڳالهه صفائي آهي جيڪڏهن رڌڻو گندو هوندو، ڪاڌي جا ٿانو ميرا هوندا ته ڪاڌي کائڻ واري کي ڪراهت ٿيندي.

رڌ پچاءُ تي ويهڻ وقت جنهن جنهن شين جي ضرورت هجي، اهي اوزار پاڻ وٽ رکڻ گهرجن. سٺي رڌ پچاءُ لاءِ ٽين اهم ڳالهه آهي وقت جي پابندي وقت جو گهڻو خيال رکڻ گهرجي. ڪاڌو هميشه وقت تي تيار ڪرڻ گهرجي.

ڪاڌو جيترو گهرجي اوترو ئي رڌي اڳيان رکجي. جيڪڏهن ڪاڌو ٿورو هوندو ته توهان کي شرمندو ٿيڻو پوندو ۽ وڌيڪ هوندو ته ضايع ٿي ويندو ان ڪري رڌ پچاءُ لاءِ هنن ڳالهين تي عمل ضروري آهي.

JOIN FOR MORE!!!

# سبق ١٦:

## ٻہ تہ پاڙهڻ

ارشد ۽ سليم پاڻ ۾ دوست هئا. هو پاڙيسري ۽ هم ڪلاسي به هئا. ارشد ميٽرڪ پاس ڪري شهر پڙهڻ لاءِ هليو ويو ۽ سليم پيءُ سان ٻنيون سنڀالڻ لڳو. ارشد گهڻو چاهيو ته سليم وڌيڪ پڙهي پر سليم غربت ڪارڻ نه پڙهي سگهيو.

ارشد جي بدلي پنهنجي ضلعي ۾ ٿي. هو ڪجهه ڏينهن بعد پنهنجي ڳوٺ ويو. پر ڌاڙيلن ڳوٺ جو سک، امن ۽ خوشيون ختم ڪري ڇڏيون هيون. رات ته رات ماڻهو ڏينهن جو به گهرن سان ٻاهر نڪرڻ ۾ ڊپ محسوس ڪندا هئا.

JOIN FOR MORE!!!

ارشد دل ۾ پنهنجي ڳوٺ کي مڪمل تباهي سان بچائڻ جو فيصلو ڪيو. انهي سلسلي ۾ ارشد پنهنجي اعليٰ عهديدارن سان گڏ ميٽنگ ڪئي. هڪڙي ڏينهن هن ڌاڙيلن جي چرپر جو پڪو اطلاع مليو. پوليس ۽ هٿيار بند ڳوٺاڻا اوچتو وڃي ڌاڙيلن تي ڪڙڪيا ڏاڍو سخت مقابلو ٿيو. هن مقابلي ۾ هڪ ڌاڙيل مري ويو ۽ ٻيا هٿيار پيش ڪري گرفتار ٿيا. آخري ريت ارشد ۽ سليم رلي ملي پنهنجو ڳوٺ جو سڪون ۽ آرام واپس وٺي ويو.

# سبق ١٧:

## نصرپور

نصرپور سنڌ جي جهونن، تاريخي، علمي ۽ هنري شهرن مان هڪ آهي. نصرپور ٽنڊو الهيار ضلعي ۾ ٽنڊي الهيار جي اتر اولهه طرف ٦، ميلن جي مفاصلي تي آباد آهي.

نصرپور سنڌو درياءَ جي ڪناري آباد آهي انڪري هن شهر جي زمين ڏاڍي آباد ۽ زرخيز آهي. هن شهر ۾ گهڻا ڪاريگر ۽ هنرمند ماڻهو رهن ٿا. هتي جي ڏهيل ٿين جي نه رڳو سنڌ ۾ بلڪ سنڌ کان ٻاهر به ڏاڍي هاڪ آهي. ڪلهوڙن جي آخري ڏينهن ۾ مدد خان پٺاڻ سنڌ جي ٻين شهرن وانگر نصرپور ۾ به ڦرلٽ ڪري ان کي تباهه ڪري ڇڏيو. نصرپور ۾ ڪيترائي عالم ۽ شاعر ٿي گذريا آهن جن ۾ ٽاليو فقير، شاهه عنايت رضوي ۽ مصري شاهه قابل ذڪر آهن.

قديم آثارن مان شهر ۾ هاڻي لڪ اڌ نشان ئي باقي بچيل آهن. پر هن وقت به هي شهر وري ترقي ڪري رهيو آهي. اڄ به نصرپور جي کيس ۽ ڪاشي مروڙ ومان آهي ۽ نصرپور جا ڪپڙا به مشهور آهي.

JOIN FOR MORE!!!

# سبق ١٨

## جهيڙو راڄ تهڙو پاڳ

هڪڙي بادشاهه خواب لڌو ته سندس سمهڻ واري ڪوٺي ۾ هڪ لومڙي پيٺي ڦٽڪي. صبح جو بادشاهه سڀني وزيرن، اميرن ۽ نجومين کي خواب ٻڌايو پر ڪنهن به تعبير نه ٻڌائي. بادشاهه سڄي بادشاهي ۾ ڍنڍورو گهمايو ته جيڪو خواب جي تعبير ٻڌائيندو ان کي وڏو انعام ڏنو ويندو.

هڪڙي ڪڙمي تعبير ٻڌائڻ لاءِ نڪري پيو. واٽ تي هڪ واسينگ نانگ ڪڙمي کي انعام جو اڌ ڏيڻ جي شرط تي خواب جي تعبير ٻڌائي. ڪڙمي جڏهن واپس موٽيو ته ان نانگ کي انعام جو اڌ ڪونه ڏنو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ بادشاهه وري ٻيو خواب لڌو ته سندس محلات ۾ هڪ اگهاڙي تلوار پيئي لٽڪي. ڪڙمي نانگ جي مدد سان خواب جو تعبير ٻڌائي ۽ وري به نانگ کي اڌ ڪونه ڏنو.

بادشاهه وري ٽيون ڀيرو خواب لڌو ته هڪ ڍڳي آهي. ڪڙمي نانگ جي مدد سان خواب جي تعبير ٻڌائي ۽ انعام حاصل ڪيو پر هاڻي ڪڙمي سڄو انعام نانگ وٽ وٺي آيو. هن ڪٿي ۾ اها نصيحت ملي ٿي ته اسان کي ڪنهن سان به دغابازي نه ڪرڻ گهرجي.

JOIN FOR MORE!!!

# حصو نظم

## مرڪزي خيال

### نظم ۱:

## وائي

نظم وائي جو شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي. هي سنڌ جو وڏو عظيم شاعر هو. هو اسان کي هن نظم ۾ سمجهائي ٿو ته اسان جو مالڪ ۽ خالق الله آهي. شاهه صاحب پنهنجي ڳالهه ڪري چوي ٿو ته سڀني جي هن اڪيلي جو وارث ۽ حقيقي ذات آهي. جنهن هن پوري جهان کي "ڪن فيڪون" چئي خلقيو آهي. هي دنيا ۾ عارضي آهي ۽ هن جي هر شيءِ فنا آهي. هن اسان وٽ پنهنجي محبوب کي موڪليو ۽ اسان کي پنهنجي دل ۽ زبان سان اقرار ڪرڻ گهرجي ته هو اسان جو وارث آهي ۽ دنيا هن جي محتاج آهي. شاهه صاحب چوي ٿو ته اسان کي هن دنيا سان دل نه لڳائڻ گهرجي ڇو ته اسان وٽ واحد صرف رب جي ذات آهي.

### نظم ۲:

## نيڪي

نظم "نيڪي" جو شاعر محمد صديق مسافر آهي. هو اسان کي سمجهائي ٿو ته جنهن دل ۾ ڪرم ۽ لطف آهي ته اهو دل

JOIN FOR MORE!!

خدا جو گھرُ آھي. جن دل ۾ نيڪي آھي تہ ھن سان خوب ڀلائي ڪندس پڙھو بدلي ۾ ھن کي ڪڏھن بہ برائي نہ ڏيندس جيڪا انسان حق پسندي گھرجي تہ ھن کي ھميشہ عاجزي سان ھلڻ گھرجي ڇاڪاڻ تہ لوڙي ھلڻ ۽ انڪساري اختيار ڪرڻ الله کي ذاتي پسند آھي، انھي جي ڪري الله آخرت ۾ انسان کي بُلندي عطا ڪري ٿو. دنيا ۾ اچڻ جو مقصد بہ اھو ھونہ اسان جو قلب ، نيڪي ، عاجزي و انڪساري سڀ ڪجھ خدا لاءِ آھي.

JOIN
FOR
MORE!!!

## نظم ۱۳

## دُعا

نظم دعا جو شاعر حڪيم فتح محمد سيوھاڻي آھي. ھن نظم ۾ شاعر الله سائين کان دعا گھري تہ اي الله! تون اسان جي دين ايمان کي ھميشہ سلامت رک، اسان کي ھمت و طاقت عطا ڪر اسان کي اڳين جھڙي ماڻھن جي پيروي ڪرڻ جي توفيق ڏي ھميشہ اسلام جي جھنڊي کي جھوليندي رک اسلام جي ڪلمي جي شان کي وڌائين رياست جي قوم مسڪين ۽ غمگين آھي تون ھن کي ھر غم ۽ قرض سان آزادي عطا ڪر ھن قوم کي آباد ۽ دلشاد بڻا ھن جي مياتي مان خزان کي ختم ڪري بھار ڪر ۽ اسان جي دلين کي سڪون عطا فرما (آمين)

## نظم ۴

# سچل سرمست جا بيت

هن نظم جو شاعر سچل سرمست پاڻ ئي آهي هن نظم ۾ رومانوي داستان جو ذڪر ڪيل آهي. شاعر پنهنجو محبوب سان چوي ٿو ته مان تنهنجي محبت ۾ اهڙي ريت مست آهيان ته تنهنجي خاطر مون کي هر شي وسري وئي آهي. پر تون منهنجي ڪين ۾ مرڻ مهل تائين موجود آهين. تنهنجي جدائي مون کي اڪيري جيئڻ آهي تون واپس اچ ته منهنجي جان تازو ٿي وڃي پر شاعر جڏهن وري پاڻ تي غور ڪيو ته هو چوي ٿو ته منهنجي اندر سان آواز اچي ٿو ته مان هيڏانهن هوڏانهن ڇو ٿو لڀان منهنجو محبوب ته منهنجي اندر آهي جڏهن مان محسوس ڪيو ته منهنجو ايمان مضبوط ٿي ويو ته منهنجو محبوب منهنجو منڙو رب آهي.

JOIN FOR MORE!!

## نظم ۵

# ڏيئو

نظم ڏيئو جو شاعر "ڪشنچند عزيز" هڪ عظيم ۽ بلند پايه شاعر آهي. هو ڏيئي جي تعريف ڪندي چوي ٿو ته ڏيئو غريب ماڻهن جي گهرن کي روشن ڪري ۽ تاريڪي کي ختم ڪري ٿو. پنهنجي روشني سان ڪڙهين جي شب روشن ڪندو آهي ۽ سج جي غروب ٿيڻ کانپوءِ ۽ سحر تائين هر شي کي نشيمن ڪري ٿو. جيڪو پنهنجو هجي يا پرايو ڏيئو ڪنهن ۾ فرق نٿو ڪري ۽ سڀني جي مدد ڪندو آهي. ڏيئو خوشي

۽ ڪاميابي جي هڪ اهم علامت آهي. ڏيئو انڪساري ۽ عاجزي جو سبق ڏئي ٿو ۽ زندگي گذارڻ جو صحيح مقصد ٻڌائي ٿو جيڪو شخص ٻين لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪن ٿا اها انسان امر آهي. ڏيئو جا مقصد ٻ اهو آهي ته جو ٻاڻ سڙي ٻين کي روشني ڏئي ٿو.

## نظم: ٦

## ٻڌايون سڪ جو ڪو سنسار

هن نظم ۾ عبدالڪريم گدائي بيان ڪري ٿو ته انسان کي هڪ ٻئي سان نفرت ۽ حقارت نه ڪرڻ گهرجي. هڪ ٻئي لاءِ ڪينو، ساڙ ۽ ڪدورت نه پيدا ٿين ڏجي. انسان جو مذهب اسلام نه پيار ۽ محبت جو مذهب آهي جيڪو ذات پات، رنگ نسل ۽ فخر ٽوڙي ۽ ڏائي کان روڪي ٿو. انسان جو اسلام انوت ۽ مساوات جو سبق ڏئي ٿو. انسان ميڪي رنگ نسل ۽ ذات پات جا ٻين جيترا طريقا اختيار ڪيا آهن اهي صرف پنهنجي پيٽ ڀرڻ جو ذريعو آهي. شاعر صلاح ڏئي ٿو ته اچو گڏجي اسين نفرت کي ختم ڪري هن جهان کي پاڻ لاءِ سڪ جو سنسار بڻايون.

## نظم: ٧

## پيارو وطن

هن نظم جو شاعر سليم گاڙهوي فرمائي ٿو ته هي پيارو وطن منهنجي ڪين جو تاج آهي. آءٌ پنهنجي وطن ۽ هن جي

# سمجهاڻيون

## نظم ٢:

## نيڪي

**بند نمبر ١:** دل

جو قلب ڪرم لطف عطا جو گهر ٿيو،

.......... خدا جو گهر ٿيو!

**حوالو نظم ۽ شاعر:** هي بند اسان جي درسي ڪتاب جي نظم نيڪي مان ورتل آهي هن جو شاعر محمد صديق مسافر آهي.

**سمجهاڻي:** هن بند ۾ شاعر اهڙي دل جو ذڪر ڪري رهيو آهي جيڪو رحم ۽ مهرباني سان مالامال آهي. شاعر چيو خدا جي رضا جو گهر نيڪ ۽ لطف دل آهي. شاعر جي مراد آهي ته نيڪ قلب ۾ ڏو مقصد هوندو آهي جنهن دل ۾ صرف خدا جو خوف آهي نيڪي ۽ ڪرم آهي اهو دل خدا جو گهر آهي.

JOIN FOR MORE!!

**بند نمبر ٢:** نيڪي

مون سان ڪٿي ڪو به برائي ٿو ڪري،

.......... شال خدا وندي ڏري!

**سمجهاڻي:** نظم جي هن بند ۾ شاعر چوي ٿو ته برائي جو بدلو برائي نه آهي شاعر جو مطلب آهي ته اسان ڪي برائي جو بدلو برائي سان نه ڏين گهرجي شاعر پنهنجي ڳالهه ڪري چوي ٿو ته جيڪڏهن ڪو مون سان برائي ڪندو آهي پر منهنجا دل هن سان برائي نه ڪندو بلڪ مون هن سان نيڪي ڪندس ۽ شاعر خدا کان نيڪي جي دعا ٿو گهري.

**بند نمبر ٣:-** نياز ۽ نوڙت

"جي توکي مسافر! جهڪندي گهرجي،

........ توکي بلندي گهرجي!

**سمجهاڻي:-** هن آخري رباعيءَ ۾ شاعر چوي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن شخص کي دنيا ۾ اعليٰ مقام ۽ عزت گهرجي ته هو هڪ ته سچ تي هميشه قائم رهي سڌي واٽ اختيار ڪري پنهنجي طبيعت ۾ عاجزي پيدا ڪري ڇوته نوڙي هلڻ ۽ عاجزي اختيار ڪرڻ الله سائين کي ڏاڍي پسند آهي ۽ الله سائين به اهڙن ماڻهن کي پسند ڪري ٿو.

JOIN FOR MORE!!!

## نظم: ٥ ڏيئو

**بند نمبر ١:** ڪکاڻن گهرن کان تون روشن ڪرين ٿيو،

-------- هر جاءِ نشيمن ڪرين!

**حوالو نظم و شاعر:-** هي بند اسان جي درسي ڪتاب جي نظم ڏيئو مان ورتل آهي. هن جو شاعر "ليکراج ڪشنچند عزيز" آهي.

**سمجهاڻي:-**

هن بند ۾ شاعر ڏيئي جي تعريف بيان ڪندي چوي ٿو ته ڏيئو غريب ماڻهن جي ڪکاڻن گهرن کي روشني ڪندو آهي غريبن جي جهونپڙن کي گلشن بڻائيندو آهي. سج جي غروب ٿيڻ کانپوءِ، سڀرياڻين پنهنجي روشني سان هر جاءِ کي نشيمن ڪندو آهي.

Karachi Grammar

**بند نمبر ۲:** "مزورن ۾ ڪڙمين سان همڪار آهين،

-------- ڪيڏي نه آهي چڱائي!

## سمجهاڻي:-

هن بند ۾ شاعر چوي ٿو ته ڏيئو مزورن ۽ ڪڙمين سان ملي محنت ڪندو آهي. هي فقيرن جي مجلس جو سينگار آهي. هو پنهنجي محفل کي ڏيئي سان روشن ڪندا آهن ڏيئي مان ايتري چڱائي رکيل آهي ته هو پاڻ سڙي پرين کي سهائي ٿو.

JOIN FOR MORE!!!

**بند نمبر ۳:** "پري کان منجهيل جي ڪرين رهنمائي،

-------- سڀ جو بڻ امرو آهين!

## سمجهاڻي:-

هن بند ۾ چوي ٿو ته ڏيئي ڪان اچڻ واري هر مسافر کي پنهنجي روشني سان منزل تي پهچڻ ۾ مدد ڪندو آهي. شاعر جو چوڻ آهي ته ڏيئي ۾ سراسر چڱائي ۽ سچائي رکيل آهي. دوست هجي يا دشمن تون سڀ جي مدد ڪندو آهي ۽ پنهنجي روشني سان سيني جي شيءِ روشن ڪندو آهي.

**بند نمبر ۴:-**

"مدد ڏين ٿو ڪم ڪار ۾ تون با محنت،

-------- رکين ڪنهن ڏانهن ڪدورت

## سمجهاڻي:-

هن بند ۾ شاعر چوي ٿو ته ڏيئي مان اما به هڪ خوبي آهي ته هو بين جي ڪم ڪار ۾ مدد ڏيندو

آهي. پنهنجو مٿي ۾ وڏو فرق نٿو ڪري
پاڻ ٻري پر هر ظلمت کي، ور هري ڪري ٻين لاءِ ڪڍي ٿو.
پنهنجي دل ۾ ڪو حسد ۽ حد ورت نٿو رکي ٿو.

**بند نمبر ۵:-** "سعادت مو ٻيشڪ تون آهين ستارو
........ پنهنجي جيوت ٻچائين

**سمجھاڻي:-**

هن بند ۾ شاعر فرمائي ٿو ته ڏيئو جي پرڻ سان
گهرن جي تاريڪي ختم ٿي ويئي ۽ جڏهن گهر روشن ٿيندو
آهي ته جهان سارو روشن ٿيندو آهي. ڏيئو خوشي ۽ ڪاميابي
جي هڪ اهم علامت آهي. ڏيئو اسان کي انڪساري جو سبق ڏيندو
آهي هوا تيز ٿيڻ جي صورت ۾ پنهنجي لاٽ جو سر جهڪائي هو
عاجزي ۽ انڪساري سان پنهنجو جيوت بچائي ٿو.

JOIN FOR MORE!!!

**بند نمبر ۶:-** حياتي جو مقصد سچو ٿو ٻڌائين،
........ تان پتنگ ڙتين تا!

**سمجھاڻي:-**

هن بند ۾ شاعر چوي ٿو ته اي دنيا تون حقيقت
۾ زندگي جو صحيح مقصد ٻڌائين ٿو جيڪو ماڻهو پنهنجي زندگي
ٻين لاءِ وقف ڪن ٿا. اهااسان امر آهي. ۽ تاريخ ۾ هميشه زنده
رهندو ڏيئو جو مقصد به اهو آهي هو پاڻ سڙي ٻين کي روشني
ڏئي ٿو ۽ هن جي روشني ملڻ ڪري پروانا قربان ٿيندا آهن.

٣٦ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ڄائو هو. * ڪراچي * سکر * سيوهڻ

٣٧ پنهنجا فرض پورا ڪندو رهو. * ايمانداري * سچائي * بي خوفي

٣٨ مضمونن جو مجموعو 'ادبي چينل' ڇپيل آهي.

* شيخ اياز * سچل سرمست * ڪشنچند عزيز

٣٩ امام جعفر صادق انهي هجري ۾ ڄاوا. * ٧٠ * ٨٠ * ١٤٨ * ٩٠

٤٠ بادشاه سلامت ٿيون پير و خواب لڌو * ڏڳي * هرڻ * ٻڪري

٤١ تصرپور جا مشهور آهن. * انب * صوف * ڪيرپتا

٤٢ رڏ پچائڻ ڪاڏي پيتي جي ٿانوڪي ملي صاف ڪجي.

* چار سان * مٽي سان * صابڻ سان * صرف

٤٣ انگريزن جي دور ۾ هن شاعري جو رواج پيو.

* عروضي * سماجي * سياسي * اصلاحي

٤٤ سچل سرمست شعر چيو. * ستن ٻولين * پنج ٻولين * ڇهن ۾

٤٥ انهن شهرن جي ڏينهن وڏندي پئي وڃي.

* آدمشماري * پاڻي * بجلي * هنن مان ڪو به نه

عربن اجرڪ کي سڏيو آهي * رلي * چادر * ازرق

شاه لطيف جو ميلو هر سال لڳندو آهي ١٤ صفر تي.

* درازن ۾ * ڀٽ شاه ۾ * سيوهڻ ۾

ڪڇ مان هڪ انگريز عملدار کي گهرايو ويو هو. سن:

* ١٨٢٧ع ۾ * ١٩٢٧ع ۾ * ١٩٤٧ع ۾ * ١٩٣٦ع ۾

اجرڪ جي ڇپر جا وري پنج آهن. * قسم * نمونا * مرحلا

قلعي ۾ گوڙ ڪا نه هو، لڳي پئي هئي.

* سانت * چُپ * روشني.

٥١ سمن جي دور جو اهم شاعر هو. * سچل سرمست * سيد ثابت علي شاه * قاضي قاضن * شاه لطيف

٥٢ ترار مو ڪم آهي. * خون ڪرالو * خون وهاڻ * خونريزي

٥٣ سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪومت شروع ٿي.

* ١٧٠١ع * ١٧١٣ع * ١٧١٩ع * ١٧٥٥ع

٥٤ ١٩٢٠ع ۾ خلافت ڪانفرنس هن شهر ۾ ٿي.

* ڪراچي * سکر * لاڙڪاڻو * حيدرآباد

٥٥ سليم گاڙهوي وفات ڪئي. * سکر * ڪراچي * بدين

٥٦ مقدمة الصلوٰة نالي ڪتاب لکيو هو.

* مولانا وفائي * سراج الحق * مخدوم ابوالحسن

٥٧ سيد ثابت علي شاه چيو آهي * نوحو * مرثيه * غزل

٥٨ شاه جو رسالو سنڌي ٻولي جو آهي * ثبوت * ڪتاب * دستاويز

٥٩ ٽالپرن جي دور جو عظيم شاعر هو.

٦٠ * ثابت علي شاه * سراج الحق * سچل سرمست

اخبار جو مالڪ شيخ عبدالعزيز هو.

* عبرت * الوحيد * الحق * ڪاوش

JOIN FOR MORE!!!

# مشق:

هيٺين لفظن جي گرامر جي لحاظ کان سڃاڻپ ڪريو.

١ احتشام هڪ سٺو ڇوڪرو آهي. ( )

٢ آءُ اسڪول وڃان ٿو. ( )

٣ اسان کي سياڻي موڪل آهي. ( )

٤ اسلم ماني کائي ٿو. ( )

٥ ملا! اڄ ڪيڏو طوفان آيو آهي. ( )

٦ گلاب جو گل سيني گلن کان سٺو آهي. ( )

٧ سون پنهنجو سبق ياد ڪري ڇڏيو آهي. ( )

٨ آءُ روزانو اسڪول ويندو آهيان. ( )

٩ طارق هڪ سٺو ڇوڪرو آهي. ( )

١٠ اڪرام هڪ سٺو لائق ڊاڪٽر آهي. ( )

١١ اڄ خميس جو ڏينهن آهي. ( )

١٢ ڇوڪريون ڪيڏن آيون پر راند نه ٿي سگهي. ( )

١٣ گلاب جا گل ڳاڙها ٿيندا آهن. ( )

١٤ واهه واهه! سون کي انعام مليو. ( )

١٥ فرزانه هاڻي اچي ٿي. ( )

١٦ ڪتاب ميز تي رکيل آهي. ( )

JOIN FOR MORE!!!
02132630020 - 02132603054
M.K GABA NOTES
M K GABA Notes



mcc Master Coaching Center
Add: Yaseen Square Block -F , Doli khata Soldier bazar, Karachi Contact # 0321-2494633 & 0312-2340767

